# Get Ahead 1
# MATHEMATICS

PPRS
Promoting Private Schooling in Rural Sindh



January, 2015

لرننگ سپورٽ يونٽ
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

شرڪت ڪندڙن لاءِ ڪتابچو

# فهرست


2 ........................................ "رياضي جي اهميت"

3 ........................................ **Unit 1: Numbers**

3 ........................................ Sub Topic: My Pets (Pg #1)

4 ........................................ Sub Topic: Colors and Shapes (Pg # 2 to 4)

5 ........................................ Sub topic: Big and Small, Long and Short (Pg # 5 to 10)

7 ........................................ Sub Topic: Light and Heavy(Pg # 11 to 12)

8 ........................................ Sub Topic : Equal More and Less (Pg # 13 to 20)

01 ........................................ Sub Topic: Patterns(Pg # 21 to 22)

00 ........................................ Sub Topic: How many/Counting (Pg # 23 to 27)

04 ........................................ Sub Topic : Identification of Numbers (Pg # 28 to 47)

05 ........................................ Sub Topic : Identifying Zero(Pg # 48 to 50)

06 ........................................ Sub Topic : Number Line (Pg # 51 to 52)

07 ........................................ Sub Topic : Ordinal Numbers (Pg#52 to 53)

08 ........................................ Sub Topic : What is Ten (Pg # 54 to 64)

09 ........................................ Sub Topic : Ascending Order, Descending Order (Pg#65 to 73)

20 ........................................ Sub Topic : Half & Quarter (Pg#74 to 76)

22 ........................................ **Unit: 2: Algebra**

22 ........................................ Sub Topic: Addition(Pg#77 to 80)

24 ........................................ Sub Topic: Subtraction(Pg#81 to 84)

25 ........................................ Sub Topic: Revision(Pg#85 to 91)

28 ........................................ **Unit 3: Pakistani Money**

28 ........................................ Sub Topic: Notes and Coins(Pg#92 to 96)

29 ........................................ **Unit 4: Measurement**

29 ........................................ Sub Topic: Length (Pg#97 to 98)

31 ........................................ Sub Topic :Capacity (Pg # 99 to 100)

30 ........................................ **Unit 5: Time**

30 ........................................ Sub Topic : Hours (Pg # 101 to 105)

33 ........................................ Sub Topic : Shapes (Pg # 106 to 107)

# ”رياضي جي اهميت “

**رياضي ڇا آهي؟**

جيئن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولي هڪ زبان آهي، اهڙيءَ طرح رياضي بہ هڪ زبان آهي، جنهن کي انگن ۽ عددن جي ٻولي چيو ويندو آهي. دنيا جو ڪو بہ علم، رياضي کانسواءِ حاصل نہ ٿو ڪري سگهجي. مثال: هڪ انسان جي دل جي ڌڙڪڻ جو وقت معلوم ڪجي تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ هڪ انسان جي دل هڪ منٽ ۾ 72 ڀيرا ڌڙڪي ٿي. هاڻي توهان سوچيو تہ 72 per minute ڇا آهي؟ اِها رياضي آهي. ائين اسانجي روز مره جي ڪمن کان وٺي هر نموني جي ڪم ڪار مثال طور: ڪِرياني/پرچون جي دڪان کان وٺي ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي کان وڏي بازار جي حساب ڪتاب، عِلم فلڪيات کان وٺي سائنس جي هر علم، آسمان جي اوچاين کان وٺي سمنڊ ۽ ڌرتيءَ جي گهرائين تائين هر جڳهہ تي سائنس جو استعمال ناگزير آهي. حالانڪ جيڪڏهن درزي انساني جسم جي ماپ ۽ وضع قطع جو حساب ڪتاب نہ رکي تہ هوند اسان ڪپڙن پائڻ جي ڍنگ کان بہ محروم هجون، جيڪڏهن هڪ رازو، ڪاريگر ۽ انجنيئر رياضيءَ ۾ ڀڙ نہ هجي تہ اسان عاليشان گهرن جي بجاءِ ميدانن ۾ رهندا هجون، اُن کان علاوه دنيا ۾ انساني سمجهہ سان جيڪا بہ ترقي ٿي آهي ۽ اُن ۾ جيڪا تيزي آئي آهي، اُن ۾ بہ رياضي جو ڀاڱو چڱو خاشو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو رياضيءَ کي سائنسي علم جي راڻي چيو ويندو آهي. تعليمي ماهرن جو بہ اِهو ئي چوڻ آهي تہ ننڍپڻ جي ابتدائي تعليم کان ئي ٻارن کي رياضي پڙهائي وڃي تہ جيئن اُهي نہ صرف انگن ۽ عددن جي دنيا کان واقف ٿين پر انهن جو ڀرپور استعمال ڪري دنيا جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

**رياضي پڙهائڻ جا طريقا؟**

رياضيءَ کي صرف هڪ مضمون سمجهي پڙهائڻ بدران انهي کي روزمره جي زندگيءَ سان سلهاڙي پڙهائڻ گهرجي. رياضيءَ جو پري پري تائين رَٽي لڳائڻ سان واسطو ناهي، پر ها اُن جي جَهلڪ قدرت جي جوڙيل هِن شاندار دنيا کان وٺي روز مره جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ نظر ايندي آهي. تنهن ڪري رياضيءَ کي روزمره جي زندگيءَ سان لاڳاپو رکندڙ سرگرمين ذريعي پڙهائڻ جي ضرورت آهي ۽ ائين ڪرڻ سان اسڪول اندر موجود شاگرد رياضي کي آسانيءَ ۽ مزي سان پڙهي، سکي ۽ سمجهي سگهندا. Get Ahead OUP Maths Grade One اسڪول ۾ پڙهائڻ کي آسان بڻائڻ لاءِ رياضيءَ جي ڪتاب کي اڳيان رکندي، هڪ “مينيوئل” ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو هيٺ ڏنل حِڪمت عملين تي مشتمل آهي.

**”برين اسٽارمنگ“**

**”نوان لفظ “**

**”ڪلاس روم جون سرگرميون“**

**”سبق پڙهڻ“**

**”لکڻ “**

**”جائزو“**

# Unit 1: Numbers

## Sub Topic: My Pets (Pg #1)

### Brainstorming

استاد ٻارن کان جانورن جي ِء باري ۾ سوال ڪندو تہ توهان ڪهڙا ڪهڙا جانور ڏٺا آهن؟ استاد ٻارن جا جواب بورڊ تي لکندو ۽ انهن جانورن جون خاصيتون پڻ ٻارن کان پڇندو. اُن سان گڏ استاد شاگردن کي پنهنجي طرفان ضروري ۽ وابستہ معلومات پڻ مُهيا ڪندو رهندو. سرگرميءَ جي آخر ۾ استاد ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين پالتو جانورن يعني My Pets جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Numbers | My | Pets | Color | This |
|---|---|---|---|---|
| عدد | منهنجو | پالتو | رنگ | هي |

### Classroom Activities

استاد ڪتاب ۾ ڏنل جانورن جون تصويرون هڪ هڪ ڪري بورڊ تي پاڻ ناهيندو ۽ پوءِ ڏنل جانور جو نالو ۽ اُن جي جسم جي حصن جا نالا انگريزي ۾ ٻارن کي ٻُڌائيندو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو.







### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل My Pets جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

رنگ ڀرڻ دوران استاد ٻارن جو جائزو وٺندو ۽ ڪين feedback پڻ ڏيندو ۽ اُن ڪانپوءِ استاد جانورن جا فليش ڪارڊ ٻارن کي ڏيکاريندو ۽ جانورن جا نالا شاگردن کان پڇندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي پڻ لازمي طور تي ٻارن کان حل ڪرائيندو.

## Sub Topic: Colors and Shapes (Pg # 2 to 4)

## Brainstorming

استاد ڪلاس ۾ يا ڪلاس کان ٻاهر موجود شين ڏانهن اشارو ڪندي انهن شين جي رنگن ۽ شڪلين بابت ٻارن کان مختلف سوال ڪندو: جهڙوڪ گهڙيال، ڪاپي، دري، لغڙ، بورڊ ۽ وڻ وغيره. سرگرميءَ جي آخر ۾استاد ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين رنگن ۽ شڪلين يعنيٰ Colors and Shapes جي باري ۾ پڙهنداسين.

## New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Colors | Draw | line | Join | Things | Same | Shape | Yellow | Red | Green | Shape | Match |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| رنگ | ناهڻ | ليڪ | جوڙڻ | شيون | هڪجهڙي | شڪل | ڦِڪو | ڳاڙهو | سائو | شڪل | هڪجهڙو |

## Classroom Activities

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجي پسند جو ڪو به رنگ ٻڌائين ۽ اُن رنگ جي ڪا به شيءِ جيڪا انهن ڏٺي هجي، اُن جو نالو پڻ ٻڌائين. مثال: شازيه جو پسنديده رنگ آهي سائو ۽ شيءِ جو نالو پالڪ. اهڙيءَ طرح هر ٻار کي موقعو ڏيو ته هو پنهنجي پسند جو رنگ ۽ اُن رنگ واري شيءِ جو نالو ٻڌائين.

استاد ٻارن جا نالا رنگن تي رکندو. جيئن: شازيه جو نالو آهي Green، واصف جو نالو آهي Yellow. اهڙيءَ طرح استاد هر ٻار تي اُن جي ئي ٻڌايل رنگ جو نالو رکندو. اُن کانپوءِ استاد ڪجهه رنگين ڪارڊ ٻارن جي سامهون رکي کين هدايت ڪندو ته هو پنهنجو نالو يعنيٰ رنگ ڳولهي ڏيکارين. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

## Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ٻارن کان ڪتاب ۾ ڏنل Colors and Shapes جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

استاد ٻارن کان ڪلاس ۾ موجود مختلف شين جي رنگن بابت پُڇندو ۽ ٻارن جي ڪيل ڪم جو جائزو پڻ ڪتاب تي وٺندو ته ڇا ٻارن کي رنگن جي باري ۾ صحيح سڃاڻپ ٿي وئي آهي. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ ڏنل آهن. اُهي حل ڪرائڻ تمام لازمي آهن.

## Sub topic: Big and Small, Long and Short (Pg # 5 to 10)

### Brainstorming

استاد ڪا بہ هڪ شيءِ مثال: بال، بيٽ، گلاس وغيره جون ٻہ تصويرون بورڊ تي ٺاهيندو جن مان هڪ وڏي تہ ٻي ننڍي هوندي. استاد انهن تصويرن جي باري ۾ ٻارن کان سوال ڪندو تہ: بورڊ تي ٺهيل تصويرن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ۽ اهڙا ڪجھہ ٻيا مثال ڏئي ٻارن کان انهن بابت پڻ سوال پڇندو. اُن کان علاوه استاد ٻارن کان پُڇندو تہ ڪلاس ۾ ڪهڙيون شيون وڏيون آهن ۽ ڪهڙيون شيون ننڍيون آهن. اهڙي طرح استاد شاگردن کان اسڪول ۾ موجود يا آسپاس موجود ٻين شين جا مثال پڻ ڏيندو ۽ انهن جي ننڍي وڏي هجڻ جي ڀيٽ پڻ ڪرائيندو. سرگرميءَ جي آخر ۾استاد ٻارن کي چوندو تہ اج اسين ننڍو ۽ وڏو يعني Big and Small جي باري ۾ پڙهنداسين.





ان کانپوءِ استاد شاگردن کي ٽن هڪجهڙين يا مختلف شين ذريعي ننڍي، ڪجھہ ننڍي ۽ صفا ننڍي جو تصور سمجھائيندو ۽ اهڙي طرح ڊگهي، ٿوري وڌيڪ ڊگهي ۽ سڀ کان وڌيڪ ڊگهي جو تصور بہ هڪجهڙين ٽن يا مختلف شين ذريعي سمجھائيندو.





### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندوءِ"2+3“ واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Big | Small | Biggest | Smaller | Short | Long | Longer | Longest |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وڏو | ننڍو | تمام وڏو | ڪجھہ ننڍو | ننڍو (ڊيگهہ ۾) | ڊگهو | ڪجھہ ڊگهو | تمام ڊگهو |

### Classroom Activities

استاد ٻارن کي چوندو تہ هو پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شيءِ جون ٻہ تصويرون ٺاهن جن مان هڪ ننڍي ۽ هڪ وڏي هجي. اُن ڪم ڪرڻ کانپوءِ استاد هر ٻار کي موقعو ڏيندو تہ هو پنهنجو ڪيل ڪم سڀني شاگردن اڳيان پيش ڪن. اُن کانپوءِ سڀني ٻارن جو ڪيل ڪم يعنيٰ ٺهيل شين جو هڪ پوسٽر ٺاهيو ۽ سڀ تصويرون ڪنهن هڪ يا ٻن شيٽس تي

لڳائي ڪلاس ۾Display ڪري ڇڏيو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

## Reading

استاد ”3+2“ واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Long and Short& Big and Small جون سموريون مشقون ٻارن کان بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

استاد ڪجهه ورڪ شيٽس ٺاهيندو، جن ۾Big & Small Pictures ٺهيل هونديون ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو وڏين تصويرن يعني Big تي (√) جو نشان لڳائين. استاد ڪتاب ۾ ڏنل جائزي جون سموريون سرگرميون ڪرائيندو ۽ ضرورت پوڻ تي شاگردن جي مدد پڻ ڪندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ تمام لازمي آهن.

**ورڪ شيٽ جو نمونو:**

Long and Short جي تصور کي سمجهائڻ لاءِ به ساڳيو ئي طريقو Long, Longer & Longest جي تصور ۾ استعمال ڪيو ويجي، جيڪو مٿي بيان ڪيل آهي.



## Sub Topic: Light and Heavy(Pg # 11 to 12)

### Brainstorming

استاد ڪنهن به هڪ ٻار کي ڪلاس آڏو گهرائيندو ۽ ٻه ٿيلها اڳيان رکي کين چوندو ته ٻئي ٿيلها واري واري سان کڻي ڏسو ۽ ٻنهي ۾ موجود فرق ٻڌايو. هڪ ٿيلهي ۾ گهڻا ڪتاب يا اسڪول جو ٻيو سامان هوندو ۽ ٻئي ٿيلهي ۾ گهٽ سامان هوندو يعني هڪ ٿيلهو هلڪو ۽ ٻيو ڳرو هوندو. استاد ٻارن جا جواب نوٽ ڪندو ۽ کين هلڪي ۽ ڳري يعني Light and Heavy جو تصور سمجهائيندو. سرگرميءَ جي آخر ۾ استاد ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين هلڪو ۽ ڳرو يعني Light and Heavy جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Light | Heavy | Heaviest |
|---|---|---|
| هلڪو | ڳرو | سڀ کان ڳرو |

### Classroom Activities

استاد ڪلاس ۾ موجود مختلف وزن واريون شيون ٻارن کان ڪٺائيندو ۽ انهن جي فرق بابت ڪائنڻ پڇندو. اهڙي طريقي سان استاد ننڍيون ۽ وڏيون پٿريون، تالو ۽ چابي، ننڍا ۽ وڏا ڪتاب وغيره استعمال ڪندي ٻارن کان ڪٺائيندو ۽ انهن ۾ موجود فرق بابت پُڇندو. استاد شاگردن کي هڪ وڏي گول دائري ۾ ويهاريندو. وچ ۾ ٻه وڏا گول دائرا فرش تي ٺاهيندو ۽ مختلف هلڪيون ۽ ڳريون شيون گهٽي تعداد ۾ سندن اڳيان رکي کين هدايت ڪندو ته هڪ دائري ۾ هلڪيون شيون ٻئي دائري ۾ ڳريون شيون رکو ۽ اُن سان گڏ اُستاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هڪجهڙين شين جي چونڊ ڪندي هلڪي ۽ ڳري جي سڃاڻپ ڪريو. اُن کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي پڻ ڪرائيندو.






### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Light and Heavy سان گڏ Heavy & Heaviest جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد ڪجهه ورڪ شيٽس ٺاهيندو جن ۾ Light and Heavy جو تصور شامل هوندو. استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته ڳرين تصويرن يعني Heavy تي (√) جو نشان لڳايو. ڪتاب ۾ ڏنل سمورن عنوان جهڙوڪ: Heavy & Heaviest بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي پڻ حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic : Equal More and Less (Pg # 13 to 20)

### Brainstorming

استاد ڪلاس ۾ ٻارن جا چار گروپ ٺاهيندو ٻن گروپن ۾ شاگردن جو تعداد برابر هوندو جڏهن تہ باقي ٻن گروپن مان هڪ گروپ ۾ ٻار گهٽ هوندا ۽ هڪ ۾ وڌيڪ هوندا. اهڙي طرح استاد ٻارن کي Equal, More and Less جو تصور واضح ڪندو. سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين Equal, More and Less جي باري ۾ پڙهنداسين.




### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| Equal | More | Less | Count | Draw | Missing | Circle | Tick | Box | Which |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| برابر | گهڻو | گهٽ | ڳڻ | ٺاهڻ | گم ٿيل | دائرو | نشان | دٻو | ڪهڙو |

### Classroom Activities

استاد Low/no cost Material يعني استعمال ٿيل شين کي ٻيهر استعمال ڪندو. جيئن هو ننڍين ڪاٺين جا ڪجھ سيٽ ٺاهيندو هر سيٽ کي ڌاڳي يا ڪپڙي وغيره سان ٻڌي ڇڏيندو ۽ ڪين هدايت ڪندو تہ هر هڪ سيٽ ڳڻيو. استاد بورڊ تي ٻارن طرفان ٻڌايل تعداد جا سيٽ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ آخر ۾ ڪين ٻڌائيندو تہ ڪيترا سيٽ برابر آهن. استاد لاءِ بورڊ تي ٺهيل خاڪو مثال طور ڏنل آهي. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو.

| Un Equal اڻ برابر | Equal برابر |
|---|---|
| هڪ سيٽ 9، هڪ سيٽ 4، هڪ سيٽ 6، هڪ سيٽ 8جو آهي. يعني اهي سڀ سيٽ اڻ برابر يعنيٰ unEqual آهن. | 3 جا ٻہ سيٽ برابر آهن.<br>5 جا چار سيٽ برابر آهن.<br>7 جا ٻہ سيٽ برابر آهن. |

استاد ساڳئي طرح گهٽ ۽ وڌيڪ More and Less جي سرگرمي ڪرائي سگهي ٿو ۽ انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو.

### Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Equal More and Less جون سمورين مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

**Assessment**

استاد ٻارن جا چار گروپ ٺاهيندو. ٻن گروپن کي پنج ننڍا پٿر ۽ پنج ننڍيون ڪاٺيون کڻي اچڻ لاءِ چوندو ۽ ٻئي گروپ کي ٽي ننڍا پٿر ۽ ٽي ننڍيون ڪاٺيون کڻي اچڻ لاءِ چوندو. ٽئين گروپ کي ڏهه ننڍا پٿر ۽ چوٿين گروپ کي ڏهه ننڍيون ڪاٺيون کڻي اچڻ لاءِ چوندو. اُن ڪانپوءِ استاد ٻارن کي چوندو ته هو پنهنجو گڏ ڪيل سامان سموري ڪلاس جي اڳيان کڻي پيش ڪن ۽ آخر ۾ استاد ٻارن کان پُڇندو ته ڪهڙي گروپ سڀ کان وڌيڪ سامان ۽ ڪهڙي گروپ گهٽ سامان گڏ ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic: Patterns(Pg # 21 to 22)

### Brainstorming

استاد سيني شاگردن کي گول دائري ۾ ويهاري پنج پينسليون ۽ پنج ربڙ هٿ ۾ ڪٽندو ۽ شاگردن کي چوندو ته مون ڏانهن غور سان ڏسو. استاد هڪ پينسل زمين تي هيٺ رکندو اُن کانپوءِ هڪ ربڙ زمين تي رکندو هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ پينسل ۽ هڪ ربڙ زمين تي رکي شاگردن کان پُڇندو ته توهان غور ڪيو ته مان ڇا ڪيو؟ هاڻي مونکي ٻڌايو ته مان زمين تي ڇا رکندس؟ ۽ پوءِ Patterns جي طريقيڪار کي جاري رکندي کين ڪٽپ کان پهريان وارو تصور واضح ڪندو ۽ ترتيب پوري ڪندو. سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين Patterns جي باري ۾ پڙهنداسين.




### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندوءِ"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Pattern | Guess | What | Next | Figure |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| نمونو | اندازو | ڇا | ٻيو/اڳيون | تصوير |

### Classroom Activities

استاد ڪلاس ۾ ٻارن جا ٽي چار گروپ ٺاهيندو ۽ کين هدايت ڪندو ته مختلف شيون، جيئن: پن، ڪاٺيون، پٿريون، ٻٽڻ، پينسليون، ربڙ ۽ رنگ وغيره بينچ يا زمين تي گڏ ڪري رکن ۽ کين هدايت ڪندو ته ڏنل شيون استعمال ڪندي Pattern تيار ڪريو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Patterns جون سمورين مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد مختلف شين جا نمونا يعني Patterns بورڊ تي ٺاهي ٻارن کان مڪمل ڪرائيندو. استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجين ڪاپين ۾ پنهنجي پسند جي تصويرن ذريعي Pattern جوڙي ۽ هڪ نمونو تيارڪن. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic: How many/Counting (Pg # 23 to 27)

### Brainstorming

استاد ڪلاس ۾ موجود ٿوري تعداد واريون شيون ڳڻڻ لاءِ چوندو جيئن: ڪتاب، اسٽيشنري جون ٻيون شيون، ننڍيون پٿريون، ڪاٺيون وغيره. استاد هر ٻار کان پڇندو ته توهان جا ڪيترا ڀائر ڀينرون آهن؟

استاد واري واري سان هر هڪ ٻار کان ڳڻپ ڪرائيندو ۽ اُن ڳالهه جي پڪ ڪندو ته هر هڪ ٻار کي صحيح طرح ڳڻپ اچي ٿي. استاد ڪجهه شيون ميز تي رکي ٻارن کي ڳڻڻ لاءِ چوندو. سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين Counting جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| How many | Objects |
|---|---|
| ڪيترا | شيون |

### Classroom Activities

استاد ٻارن کي لِڪ لڪوٽي راند ڪرائيندو (جيڪڏهن ڪلاس ۾ جڳهه هجي ته ڪرائي نه ته ڪلاس روم کان ٻاهر اُها راند ڪرائي سگهجي ٿي.) لِڪ لڪوٽي راند ۾ آڳ ڏيڻ واري ٻار کي ٻين ٻارن کي ڳولهڻو هوندو آهي. پهريان آڳ ڏيندڙ ٻار جي اکين تي رومال سان پٽي ٻڌي ڪجهه وقت (مخصوص هنڌ آڳ ڏيڻ لاءِ) هڪ هنڌ تي ويهڻ لاءِ چوندو. اکين تان رومال کولڻ مهل آڳ ڏيندڙ ٻار وڏي آواز سان هڪ کان ڏهه تائين ڳڻپ ڪندو. ڏهه تائين ڳڻپ مهل باقي ٻار لڪندا، ڳڻپ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ هو لڪيل ٻارن کي ڳولهيندو. جڏهن هو سڀني لڪل ٻارن کي ڳولهي وٺندو ته سڀ کان پهرين ڳولهيل ٻار تي وري آڳ جي واري اچي ويندي. استاد اِها مشق ڪافي ٻارن کان ڪرائيندو ته جيئن ٻارن کي هڪ کان ڏهن تائين رواني سان ڳڻپ اچي وڃي. استاد اِها سرگرمي پنهجي نگرانيءَ ۾ ڪرائيندو. راند مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ استاد آڳ نه ڏيندڙ ٻارن کان ڏهن تائين ڳڻپ ڪرائيندو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل How many/Counting جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد ٻٽڻ، اسٽرا، اسٽڪس وغيره جي ڳڻپ ڪرائي ٻارن جو جائزو وٺندو ۽ ڪلاس ۾ موجود شين جي پڻ ڳڻپ ڪرائيندو. مختلف تعداد جون تصويرون ناهي، انهن جي ڳڻپ ڪرائيندو هر هڪ ٻار کي ڳُهرائي بورڊ تي پنهنجو نالو لکڻ لاءِ چوندو ۽ نالي جا اکر ڳڻڻ لاءِ چوندو. جيڪڏهن ٻارن کي نالو لکڻ نه اچي ته استاد انهن جي مدد ڪندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس لڳل آهن اُهي ضرور حل ڪرائيندو.

## Sample Worksheet # 1

هر قطار ۾ ڏنل شِڪلن کي رنگ ڪيو ۽ ننڍي خاني مان اُن شِڪل کي رنگ ڪيو جيڪا شڪلن جي ترتيبي سلسلي (Pattern) کي پورو ڪري.

Color the pattern in each row. Color the picture that completes the pattern.



## Sample Worksheet # 2

هر هڪ قطار ۾ ڏنل ترتيبي سلسلي کي ڏسوءِ ننڍي خاني مان اُن شڪل تي گول دائرو ڏيو جيڪا شڪلن جي تسلسل

Look at the pattern in each row. Circle the picture that continues the pattern.
Color the pictures.



## Sub Topic : Identification of Numbers (Pg # 28 to 47)




**Brainstorming**

استاد ڳٽپ جي ورجاءَ لاءِ One Two Buckle my Shoe نظم پڙهندو ۽ ٻارن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوندو. اُن کانپوءِ استاد ڪا به هڪ تصوير ناهي، انهيءَ سان هڪ يعني One لکندو ۽ ٻارن کان سوال ڪندو ته بورڊ تي ڇا لکيل ۽ ڇا ٺهيل آهي. ٻارن جي جوابن کانپوءِ استاد فليش ڪارڊ تي لکيل عدد ٻارن کي ڏيکاريندو.

**New Words**

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندوءِ "3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| One | Two | Three | Four | Five | Six | Seven | Eight | Nine |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هڪ | ٻہ | ٽي | چار | پنج | ڇهہ | ست | اٺ | نَوَ |

**Classroom Activity**

استاد پيالي/وٽي يا ڪنهن ٻئي ٿانوَ ۾ ڪجهہ پٿر ڪٽي ايندو ۽ هڪ پٿر ڪٽي ٻارن کان پڇندو تہ هي گهڻا پٿر آهن؟ ٻار ٻڌائي سگهن ٿا، "هڪ" انهي کانپوءِ ڪين چوندو تہ اچ اسين "هڪ" لکڻ سکنداسين. استاد بورڊ تي "هڪ" لکندو ۽ ڪين ٻڌائيندو تہ هي "هڪ" لکيل آهي. يعنيٰ منهنجي هٿ ۾ هڪ پٿر آهي ۽ بورڊ تي "هڪ" لکيل آهي. انهي کانپوءِ ٻيو پٿر ڪڻندو ۽ ڪين پڇندو تہ هاڻي گهڻا پٿر آهن؟ شاگرد جواب ڏئي سگهن ٿا تہ هي "ٻہ" پٿر آهن. انهي کانپوءِ ساڳئي طريقي سان ڪين چوندو تہ اچ اسان 2 لکڻ سکنداسين ۽ بورڊ تي 2 لکندو. اهڙيءَ طرح استاد ٻارن کي 1 کان 9 تائين انگ لکڻ سيکاريندو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

**Reading**

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

**Writing**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Identification of Numbers جون سموريون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

**Assessment**

استاد شاگردن کي فليش ڪارڊز جي مدد سان مختلف عدد ڏيکاري، انهن جي صحيح سڃاڻپ ڪرائيندو. بورڊ تي مختلف عدد لکي جائزو وٺندو ۽ ٻارن کان بورڊ تي مختلف عدد لکرائي پڻ جائزو وٺندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic : Identifying Zero(Pg # 48 to 50)

## Brainstorming

استادZero جي تصور جي سڃاڻپ لاءِ هيٺ ڏنل نظم ٻڌائيندو.



(1)A Crow has a stone in his beak,
The stone fell down
Tell me now what is in crow's beak?
(Nothing)



(2) There is a basket on the table
The basket fell down
Now tell me what is on the table.

استاد نظم جي وضاحت ڪانپوءِ Zero جو تصور ٻارن کي سمجهائيندو ۽ کين ٻڌائيندو ته "0" معنيٰ ڪجھ به ناهي.

## New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| Identifying | Which | Nothing |
|---|---|---|
| سڃاڻپ | جيڪو | ڪجھ به نه |

## Classroom Activity

استاد ڪپڙي يا پيپر وغيره جون ٿي ٿيلهيون ناهيندو. انهن مان هڪ ٿيلهيءَ ۾ 3 پٿر ۽ ٻئي ٿيلهي ۾ 5 پٿر ۽ هڪ ٿيلهي خالي رکندو. اُن کانپوءِ ٽن پٿرين واري ٿيلهي مان پٿر ڪڍي ٻارن کان ڳڻائيندو. پوءِ ٻئي ٿيلهيءَجا پٿر ڳڻائيندو ۽ آخر ۾ ٽئين ٿيلهيءَ جا پٿر ڳڻڻ لاءِ چوندو. جڏهن ته ٽئين ٿيلهيءَ ۾ 0 پٿر آهن. ٻار ٻڌائي سگهن ٿا ته هيءَ ٿيلهي خالي آهي يا هِن ۾ هڪ به پٿر نه آهي. اهڙيءَ طرح استاد ٻارن کي ٻڌائيندو ته جڏهن اسان کي ڪنهن شيءِ جو تعداد بلڪل به نه ملي ته انهي کي اسان 0 سان ظاهر ڪندا آهيون. توهان کي خبر آهي ته 0 تعداد اسان لکت ۾ ڪيئن لکندا آهيون؟ اُن کانپوءِ استاد بورڊ تي 0 لکي سڃاڻپ ڪرائيندو. اُن کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو.

## Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Identifying Zero جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

استاد فليش ڪارڊز ناهي، انهن جي مدد سان ۽ بورڊ تي مختلف تصويرون ناهي Zero جي سڃاڻپ ڪرائيندو ۽ اُن جي تصور جي باري ۾ ٻارن کان سوال ڪندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ تمام لازمي آهن.

## Sub Topic : Number Line (Pg # 51 to 52)

### Brain Storming

استاد بورڊ تي 0 کان 9 تائين عدد لکندو ۽ اُن مان ڪجھ عدد ھو نہ لکندو ۽ ٻارن کان پُڇندو تہ بورڊ تي جيڪا خالي جڳھ آهي، اُن ۾ ڪھڙو انگ ايندو. اهڙي طرح استاد گم ٿيل انگ ٻارن کان پُڇندو.

### New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Number line | This | Make | Own |
|---|---|---|---|
| عددي ليڪ | هيءَ | ٺاهڻ | پنهنجو |

### Classroom Activity











استاد بورڊ تي هڪ نمبر لائين ٺاهيندو ۽ اُن ۾ 1 کان 9 تائين انگ لکندو ۽ ٻارن کي ٻُڌائيندو تہ هي Number Line آهي.

اُن کانپوءِ استاد 9 ٻارن جي چونڊ ڪندو ۽ انهن ٻار کي انگن سان سڏيندو. جيئن: نمبر 4 علي جو آهي، 6 نمبر ڪاشف جو آهي، اهڙي طرح ٻارن کي عدد ورهائي ڏيندو.

اُن کانپوءِ استاد ڪجھ ٻارن کي ويھاري ڇڏيندو ۽ انهن جا مخصوص عدد بورڊ تان ڊاهي ڇڏيندو ۽ ڪلاس جي ٻارن کان پُڇندو تہ ڪھڙو نمبر Number Line مان گم ٿيل آهي. استاد ٻارن جا صحيح جواب بورڊ تي خالي جاين ۾ لکندو ۽ ڪين انهن نمبرن جي سڃاڻپ ڪرائيندو ۽ اُن سرگرمي جي ٻہ يا ٽي دفعا مشق ڪرائيندو.

### Reading

استاد "3+2"واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Number Line جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد بورڊ تي نمبر لائين ٺاهيندو. جنهن مان ڪجھ نمبر غائب/گم ٿيل هوندا ۽ ڪين نمبر لائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندو. استاد بورڊ تي هڪ خالي ليڪ ڪڍي، انهي ۾ نمبر لکرائي Number Line مڪمل ڪرائيندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic : Ordinal Numbers (Pg#52 to 53)

### Brainstorming

استاد ڪنهن چارٽ يا بورڊ تي ريل جي تصوير ناهيندو ۽ ريل جي هر گاڏي کي هڪ مخصوص رنگ ڪندو جيئن: پهريون گاڏو ڳاڙهو ٻيو گاڏو ساوو ۽ ٽيون گاڏو نيرو. استاد انهن گاڏن تي First, second and third لکندو ۽ شاگردن کان پُڇندو تہ ريل ۾ ڪُل گهڻا گاڏا آهن؟ ڳاڙهو گاڏو ڪهڙي نمبر يا جاءِ تي آهي؟ ساوو گاڏو ڪهڙي نمبر يا جاءِ تي آهي ۽ نيرو گاڏو ڪهڙي نمبر يا جاءِ تي آهي. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين Ordinal Numbers جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽"3+2"واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| First | Second | Third |
|---|---|---|
| پهريون | ٻيون | ٽيون |

### Classroom Activities



استاد عدد جي مدد سان ٻارن کي Ordinal Number سمجهائيندو ۽ اُن جو بورڊ تي ورجاءُ ڪرائيندو. استاد ٽن ٻارن کي ڪلاس اڳيان قطار ۾ بيهاريندو ۽ انهن جا نالا وٺي ڪين پُڇندو First, Second and Third تي ڪهڙو ٻار آهي. استاد ٻارن کي ماچيس وغيره جون تي تي دٻيون ڏيندو ۽ انهن دٻين کي استعمال ڪندي ڪين ريل گاڏي ناهڻ لاءِ چوندو ۽ ڪين هدايت ڪندو تہ اُن ريل گاڏي کي Ordinal Numbers سان ظاهر ڪن. ايئن استاد ٻارن کان سندن Position پُڇي ۽ Ordinal Numbers جو تصور واضح ڪري.

استاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ First, Second, Third يعني Ordinal Numbers جي باري ۾ پنهنجي پسند مطابق ڪا بہ ڊرائنگ ڪن. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو. استاد Cardinal Number (One, Two, Three(۽ Ordinal Numbers (First, Second, Third) جا فليش ڪارڊ ناهي, شاگردن کي انهن جا جوڙا ناهڻ لاءِ چوندو. جيئن: First سان One,Second سان Two۽ Third سان Three ناهيل جوڙا ڪلاس ۾ پيش ڪندا. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Ordinal Numbers جون سموريون مشقون بورڊ, ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد ٻارن کان CardinalNumber (One, Two, Three( ۽ Ordinal Numbers (First, Second, Third) بابت اڳ ڪرايل سرگرمين ذريعي جانچ وٺي.

## Sub Topic : What is Ten (Pg # 54 to 64)

### Brainstorming

استاد ننڍا ننڍا ٿيلها ناھيندو ۽ ھر ٿيلھي ۾ 01 پٽريون رکندو. اُن کان علاوه استاد ڪائين, پٽرن ۽ پينسلين کي ڏهن ڏهن جي صورت ۾ ہڌي بنڊل ناھيندو ۽ هڪ هڪ ڪري ٻارن کان انھن جي ڳڻپ ڪرائيندو ۽ کين ٻڌائيندو تہ 9 تائين جيڪي بہ عدد آهن, سي سڀ ايڪا آهن. جيئن ئي هڪ ٻيو ايڪو اُن ۾ جمع ٿيندو تيئن ئي ايڪا ڏهاڪن ۾ تبديل ٿي ويندا. اُن کان علاوه ايڪن جو تصور واضح ڪرڻ لاءِ ڏهاڪي جي بنڊل سان گڏ ہہ يا ٽي ساڳيون شيون گڏ رکي, شاگردن کان سوال ڪندو تہ توهان کي اِهو ڏسي ڇا ٿو سمجهہ ۾ اچي؟ بنڊل ۾ ڪيتري تعداد جون شيون آهن ۽ اُن کان الڳ پيل شيون ڪيتريون آهن؟ شاگردن جي جوابن مان استاد ڏهاڪي جو تصور واضح ڪندو ۽ کين سمجهائيندو تہ هڪ ڏهاڪي وارو بنڊل ڏهاڪي واري تصور کي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيڪي شيون 0 کان 9 تائين الڳ پيل آهن. اُهي ايڪن کي ظاهر ڪن ٿيون. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين Tenth جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| Dots | Beads | Match |
|---|---|---|
| ٽبڪا | موتي | ملائڻ |

### Classroom Activity

استاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائي کين ڪجهہ ٿيلهيون ڏيندو. جن ۾ مختلف تعداد ۾ پٽريون ۽ ڪاٺيون پيل هونديون جيئن: (هڪ گروپ کي 02، 05، 08, ٻئي گروپ کي 00، 03، 06وغيره) ڏئي کين هدايت ڪندو تہ ڏنل شين سان ايڪا ۽ ڏهاڪا ناھيو. شاگرد ڏهن جو هڪ بنڊل ناهي ڏهاڪي کي ظاهر ڪندا ۽ الڳ رکيل شين کي ايڪن طور ظاهر ڪندا ۽ پنهنجي ڪيل ڪم کي ڪلاس ۾ پيش ڪندا. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Tens and Units جون سموريون مشقون بورڊ, ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد Units۽Tens جا ٽاور بورڊ تي ناهي, ٻارن کان سوال ڪندو تہ ڪيترا ايڪا ۽ ڪيترا ڏهاڪا Units ۽ Tens آهن. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic : Ascending Order, Descending Order (Pg#65 to 73)

### Brainstorming

استاد بورڊ تي هڪ ڏاڪڻ ناهي، اُن جي هر ڏاڪي تي انگ لکي شاگردن کان پُڇي تہ اسان مٿي ڪيئن ويندا سين ۽ هيٺ ڪيئن ايندا سين؟ مٿان کان هيٺ Descending Order ۽ هيٺان کان مٿان واري ترتيب کي Ascending Order چئبو آهي. اسان هميشہ انگ/عدد 1 کان شروع ڪري اڳتي وڌندا آهيون. مثال:1 کان 51 وغيره پر ڪڏهن ڪڏهن اسان کي اُبتي ڳڻپ بہ ڪرڻي پوندي آهي. جيئن هاڻي هڪ ڏاڪڻ جو مثال ڏنوسين. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين Ascending Order and Descending Order جي باري ۾ پڙهنداسين.





### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽ ”2+3“ واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Ascending | Real | Aloud | Before | Between | After | Descending | Comes | Missing |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سبتي ترتيب | حقيقي | وڏي آواز سان | پهرين | وچ ۾ | ڪانپوءِ | ابتي ترتيب | اچي ٿو | رهيل.ڳُٽيل |

### Classroom Activity

1. استاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هڪ کان ڏهہ تائين انگ/عدد پڙهي ٻڌايو. اُن کانپوءِ کين هدايت ڪندو تہ ڏهہ کان هڪ تائين انگ/عدد پڙهي ٻڌايو. استاد اُبتي ۽ سُبتي ترتيب يعني Ascending and Descending Order ۾ پڙهي ٻُڌائيندو. استاد انگن جي 1 کان 100 تائين سُبتي ۽ اُبتي ترتيب بہ ٻارن کان ڪرائي سگهي ٿو.

| Ascending order يعني سڌي ترتيب | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 0 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 01 |

| Descending order يعني اُبتي ترتيب | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 01 | 9 | 8 | 7 | 6 | 5 | 4 | 3 | 2 | 0 |

2. استاد بورڊ تي اُبتي ترتيب ۾ عدد لکندو 1 ,2 ,3 ,4 ,6,5 ,7 ,8 ,9 ,10 ۽ شاگردن کان سوال ڪندو تہ انهن عددن کي پڙهو ۽ کانئن پُڇندو تہ هاڻي توهان کي ڇا ٿو سمجهہ ۾ اچي؟ انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد ”2+3“واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Ascending Order ۽ Descending Order جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو ۽ گڏوگڏ چيڪ پڻ ڪندو. جيڪڏهن ٻارن ڪي غلطيون ڪيون آهن ته انهن جي نشاندهي ڪري اُنهن کي صحيح ڪندو.

## Assessment

استاد هڪ چارٽ ڏيکاريندو، جنهن ۾ نامڪمل عدد لکندو ۽ اُهي عدد ٻارن کان مڪمل ڪرائيندو. استاد بورڊ تي هڪ عدد لکي شاگردن کان سوال ڪري پُڇندو ته اُن نمبر کان پهريان يا پوءِ ڪهڙو عدد ايندو؟ استاد بورڊ تي هڪ کان ڏهن تائين بي ترتيب عدد لکي، شاگردن کي انهن عددن جي ترتيب ۾ لکڻ لاءِ هدايت ڪندو. استاد شاگردن کي 0 کان 011 تائين پڙهڻ لاءِ چوندو ۽ پاڻ به انهن جي مدد ڪندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڏنل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic : Half & Quarter (Pg#74 to 76)

### Brainstorming

استاد ڪائڻ جي ڪنهن به شيءِ جيئن: صوف، ماني وغيره جي تصوير بورڊ تي ڏيکاريندو ۽ شاگردن کي چوندو ته مونکي هي ماني يا صوف وغيره ٻن ٻارن ۾ برابر ورهائڻو آهي، هاڻي اِن جي ورهاست ۾ منهنجي مدد ڪريو. استاد ٻارن کي ٻڌائيندو ته ڪا به شيءِ جيڪڏهن ٻن برابر حصن ۾ ورهائجي ته هر ٻار جي حصي ۾ اڌ ماني ايندي. اهڙي قسم جي عددن جيئن اڌ، مُنو سَوا وغيره کي اٽڪل عددن ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين Half & Quarter جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Quarter | Different | Whole | each | Half | Object | Part |
|---|---|---|---|---|---|---|
| چوٿون حصو | مختلف | سڄو | هرهڪ | اڌ | شيءِ | حصو |

### ClassroomActivity



1. استاد شاگردن اڳيان استعمال ٿيل ڪاغذ )Recycle Paper( هڪ جيترن ٻن حصن ۾ڪٽيندي شاگردن کي )Half( يعني اڌ جو تصور سمجهائيندو ۽ ڪٽيل حصي کي وري اڌ مان ڪٽي (Quarter)چوٿائي جوتصورسمجهائيندو ۽ اُن تصور کي روز مره جي زندگيءَ سان جوڙيندو. انهن سرگرمين کي جاري رکندي، استاد بورڊ تي گول، چوڪنڊي يا چورس جون تصويرون ڏيکاريندو ۽ شاگردن کي چوندو ته انهن کي ٻن ۽ چئن حصن ۾ ورهايو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.



2. استاد ٻارن کي جوڙن ۾ ويهاري ڪين گول يا چورس پنا ڏئي هدايت ڪندو ته انهن کي چئن حصن ۾ ورهايو ۽ پوءِ اُن پني جي اڌ يا چوٿين حصي ۾ رنگ ڪريو.

### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Half & Quarter جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد پراڻا پنا شاگردن کي ڏيئي انهن کي پهريان اڌ ۽ پوءِ چوٿون ,Half ۽ Quarter ڪرڻ لاءِ چوندو. جائزي طور استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرميون ڪرائيندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

# Unit: 2: Algebra

## Sub Topic: Addition(Pg#77 to 80)

### Brainstorming

استاد ٻارن کي نظم پڙهي ٻُڌائيندو ۽ نظم جي باري ۾ڳالهہ ٻولهہ ۽ سوال ڪندو:

**Poem**

Four little Monkey
Singing I like chilly
One more join in.
Making them two
Two little monkeys
Resting on tree
One more join in
Making them three.
Three little monkeys
Looking for more
One more join in
Making them four.
Four little monkeys.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Many | Algebra | Things | Addition | Total | Altogether |
|---|---|---|---|---|---|
| **ڪيترائي** | **الجبرا** | **شيون** | **جوڙ** | **ڪُل** | **گڏائي رکڻ/جمع ڪرڻ** |

### Classroom Activity



استاد ہ پيالا/دٻا کڻندو انهن ۾ مختلف تعداد جا پٿر رکندو ۽ اُن ڪانپوءِ شاگردن کي چوندو تہ اچو تہ هاڻ انهن ۾ موجود پٿرن جي ڳڻپ ڪريون. استاد پهرين پيالي/دٻي ۾ موجود پٿرن جي ڳڻپ ڪندو جنهن ۾ ڪُل پنج پٿر هوندا. اُن ڪانپوءِ استاد ٻئي پيالي/دٻي ۾ موجود پٿرن جي ڳڻپ ڪندو جنهن ۾ ڪُل ٽي پٿر هوندا. اُن ڪانپوءِ استاد شاگردن کي چوندو تہ اچو تہ هاڻي ٻنهي پيالن/دٻن ۾ موجود پٿرن کي ملائي ڳڻيون ۽ پوءِ استاد اُن سرگرمي ذريعي سمورا پٿر ڳڻي ٻارن کي جوڙ جو تصور واضح ڪرائيندو. اِها ساڳي سرگرمي استاد ڪلاس ۾ موجود سمورن شاگردن کان دهرائيندو ۽ پوءِ بورڊ تي جوڙ جي نشانيءَ کان شاگردن کي واقف ڪرائي لکت ۾ جوڙ جا حساب حل ڪرائيندو. اُن کان علاوه استاد درجي وارا حساب يعنيٰ Word Problems پڻ شاگردن کان حل ڪرائيندو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

## Reading

استاد ”3+2“ واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Addition جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

استاد ٻارن کي دائري ۾ ويهاري، زباني جوڙ جا حساب ڏيندو ۽ واري واري سان هر ٻار اُن سان گڏ حساب جو جواب ڏيندو مثال:

0. مومل وٽ 2 ڳاڙهيون ۽ 7 سايون پينسليون آهن. ٻُڌايو ته مومل وٽ ڪُل ڪيتريون پينسليون آهن؟
2. احمد کي بابا ڪالهه 2 رپيا خرچي ڏني، اُها احمد خرچ ڪانه ڪئي. اڄ احمد جي بابا 2 رپيا ٻيا ڏنا ٻُڌايو ته احمد وٽ ڪُل ڪيترا رپيا خرچي تي وئي؟

استاد فرضي نالن بدران ڪلاس جي ڪجهه شاگردن جا نالا ڪلاس ۾ استعمال ڪندي بورڊ تي جوڙ جا ڪجهه حساب لکي ٻارن کان ئي حل ڪرائي. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

نوٽ: استاد ڪَٽَ/ Subtraction ساڳئي طريقي سان ڪرائي سگهي ٿو.

## Sub Topic: Subtraction(Pg#81 to 84)

### Brainstorming

استاد ڪلاس جي ڪجھ ٻارن کي سڏي انهن جو هڪ گروپ ٺاهيندو. مثال: گروپ ۾ 8 ٻار آهن. گروپ ۾ شامل ڪُل ٻارن جو تعداد سڀني ٻارن کي ٻڌائيندو. اُن بعد گروپ ۾ ٻيهاريل 8 ٻارن مان 3 ٻارن کي ڪڍي انهن کي گروپ کان الڳ ڪري ٻيهاريندو. جنهن بعد ڪلاس جي ٻارن کان پُڇندو ته گروپ ۾ پهريان ڪيترا ٻار هئا ۽ اُن مان ڪيترا اسان ٻاهر ڪڍي ٻيهاريا ۽ گروپ ۾ باقي ڪيترا ٻار بچيا. ٻارن جا جواب ٻُڌڻ بعد استاد ٻارن کي ڪٽ جو تصور سمجهائيندو.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽"3+2" پڙهڻ جي طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Count | Subtraction | Altogether |
|---|---|---|
| ڳڻيو | ڪٽ | گڏائي رکڻ/جمع ڪرڻ |

### Classroom Activity

استاد ڪلاس ۾ مختلف پٿريون ڪٺي ايندو ۽ ڪلاس جي ڪنهن هڪ ٻار کي سڏي اُن کي "نو"پٿريون ڊيندو. ڪلاس جي ٻارن کان پُڇندو ته هِن ٻار وٽ ڪيتريون پٿريون آهن؟ ٻارن جي جواب بعد استاد اُن ٻار کي چوندو ته هو ڪيس مليل پٿرين مان پنج پٿريون ڪلاس جي ڪنهن ٻئي ٻار کي ڏئي ۽ پوءِ ڪلاس کي ٻڌائي ته وٽس ڪيتريون پٿريون بچيون آهن. اهڙي طريقي واري واري سان ڪلاس جي ٻين ٻارن کان، پٿرين جو تعداد بدلائي اهڙيون مشقون ڪرائيندو. اهڙي قسم جي مشق پٿرين يا ڪنهن به ٻي شيءِ سان ٻارن کي ڪرائي، انهن کي ڪٽ جو عمل سمجهائي سگهجي ٿو. اُن بعد استاد هڪ ڀريل پيالي ۾ ڀيل پٿرن جي تعداد مان هڪ خالي پيالي، جنهن ۾ ڪو به پٿر ڀيل نه هجي، انهن کي ڪٽ ڪرڻ جي ذريعي "ٻُڙيءَ" کي ڪٽ ڪرڻ بابت سمجهاڻي ڏيندو. استاد ٻارن کي ڪٽ جي نشاني ۽ ڪٽ جا حساب حل ڪرڻ سيکاريندو. انهي کان علاوه استاد درجي وارا/زباني حساب يعنيٰ word problems پڻ ڪرائيندو. هِنن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پابند هوندو.

### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ صفحي تي موجود هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو. آخر ۾ ٻارن کي ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪندو ۽ اُن جي نگراني ڪندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Subtraction جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد ڪلاس جي ٻارن کي واري واري سان بورڊ تي گهرائيندو ۽ ڪانئس ڪٽ جو زباني حساب پُڇندو ۽ اُن جو جواب بورڊ تي لکندو ويندو. جنهن بعد ٻارن کي ٻـ اِهو موقعو ڏيندو ته هو بہ هڪٻئي کان اهڙي ئي قسم جا زباني حساب پُڇن. ٻارن کان عنوان بابت جائزي جون ڪتاب ۾ ڏنل سموريون ورڪ شيٽس حل ڪرائڻ تمام لازمي آهن.

## Sub Topic: Revision(Pg#85 to 91)

استاد ڪتاب جي ڄاڻايل صفحن تي ڏنل ورجاءُ جون سموريون مشقون ٻارن کي واري واري سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو. جنهن بعد اُهي سڀ مشقون ٻارن کان حل ڪرائيندو. استاد اُن سڄي عمل ۾ مسلسل ٻارن جي رهنمائي ڪندو رهندو.

## Sample Worksheet # 1

هر هڪ آني ۾ عدد جوڙ ڪيو.

Add the numbers in eack



$$\begin{array}{r} 2 \\ +\,2 \\ \hline \end{array}$$

$$\begin{array}{r} 8 \\ +\,3 \\ \hline \end{array}$$

$$\begin{array}{r} 4 \\ +\,2 \\ \hline \end{array}$$

$$\begin{array}{r} 5 \\ +\,1 \\ \hline \end{array}$$

$$\begin{array}{r} 7 \\ +\,5 \\ \hline \end{array}$$

# Unit 3: Pakistani Money

## Sub Topic: Notes and Coins(Pg#92 to 96)

### Brainstorming

استاد پنهنجي هٿ ۾ سِڪو لڪائي ٻارن کان اندازو لڳرائي ته منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟ ٻارن جي جوابن کانپوءِ استاد ٻارن کي لڪايل سِڪو ڏيکاريندو ۽ پُڇندو ته هي ڇا آهي؟ استاد ڪلاس ۾ ڪجھ سِڪا ۽ ڪوڙا نوٽ ڪلاس جي مختلف جڳهن تي لڪائي رکي ۽ ٻارن کي ڳولڻ لاءِ چئي. جنهن ٻار وٽ جيڪو نوٽ يا سِڪو اچي، ٻار انهي نوٽ جي باري ۾ ٻُڌائي. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين Coins and Notes جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندوءِ"3+2" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ ڪين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| money | Notes | Coins | metal | paper | need | Buy | Made | Rupee |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پئسا | ڪاغذ وارا پئسا | سِڪا | ڌاتو | ڪاغذ | ضرورت | خريد ڪرڻ | ٺهيل | رُپيو |

### Classroom Activities



استاد ٻارن جا 2 گروپ ٺاهيندو جنهن ۾ هڪ گروپ دُڪان هلائيندو ته ٻيو گروپ گراهڪن جو ڪردار ادا ڪندو. پهريون گروپ ڪلاس روم ۾ هڪ ننڍو دُڪان کوليندو. جنهن ۾ بِسڪيٽ ۽ ڪير جا خالي دٻا رکيل هوندا، جن تي قيمتن جا ٽيگ لڳل هوندا. استاد ٻارن کي نقلي نوٽ ڏيندو ۽ کين دُڪان تان خريداري ڪرڻ لاءِ چوندو. جڏهن اِها سرگرمي مڪمل ٿي ويندي ته پوءِ آخر ۾ هر ٻار پنهنجي خريداري ۽ وڪري بابت ٻين ٻارن کي ٻُڌائيندو ته اُن ڪُل ڪيترا پئسا خرچ ڪيا ۽ ڪيترا پئسا ڪمايا. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد "3+2"واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

1. استاد ڪتاب ۾ ڏنل Pakistani Money جون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.
2. استاد نقلي پئسا ۽ سِڪا ٻارن کي ڏئي ڪانئن اُنهن جي قيمت لکڻ جي هدايت ڪندو.

### Assessment

استاد مختلف تصويرون ٺاهي، انهن تي قيمتون لکي، شاگردن کان انهن جي قيمتن جي باري ۾ پُڇندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس ڪتاب ۾ لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

# Unit 4: Measurement

## Sub Topic: Length (Pg#97 to 98)

### Brainstorming

استاد ٻارن کان سوال ڪندو تہ اسان جي ڪلاس جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي جي ڊيگهہ قدمن ۾ ڪيتري ٿيندي؟ ٻارن جي جوابن ملڻ کانپوءِ استاد ٻارن کان ڪلاس جي ماپ قدمن ۾ ڪرائيندو. استاد ٻارن کي اِهو پڻ سمجهائيندو تہ اسين ڪيئن مختلف طريقن سان ڊيگهہ ماپي سگهون ٿا. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين Length جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد متي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽"3+2" پڙهڻ جي طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| Measurement | Length | Takes | Put | Finding | Time | Footstep | String |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ماپ | ڊيگهہ | کڻي ٿو | رکڻ | ڳولهڻ | وقت | قدم | ڌوري |

### Classroom Activities

استاد ڪلاس ۾موجود ٻارن جا ٽي گروپ ٺاهيندو ۽ ٽنهي گروپن کي الڳ الڳ ڪم ڪرڻ لاءِ ڏيندو. پهرين گروپ کي گراٺن ذريعي ميز ماپڻ جي هدايت ڪندو. ٻئي گروپ کي پينسلين ذريعي ڪلاس جو در ماپڻ لاءِ چوندو. جڏهن تہ ٽئين گروپ کي پنهنجو قد هڪ اسڪيل انچ ٽيپ ذريعي ماپڻ لاءِ چوندو. گروپن ۾ ڪم ڪرڻ کانپوءِ استاد سڀني گروپن کي هدايت ڪندو هو پنهنجو ڪيل ڪم سڀني ساٿين اڳيان پيش ڪن.

### Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Measurement-Length جون سموريون مشقون بورڊ, ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

استاد ٻارن جي ڪيل ڪم جو جائزو ڪتاب تي وٺندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

## Sub Topic :Capacity (Pg # 99 to 100)

### Brainstorming



استاد شاگردن اڳيان هڪ جڳ ۽ هڪ گلاس رکندو ۽ سوال ڪندو ته جيڪڏهن اسان بنهي ٿانون ۾ پاڻي وجهڻ چاهيون ته ڪهڙي ٿانو ۾ وڌيڪ پاڻي پوندو؟ ٻارن جي جوابن کانپوءِ استاد واضح ڪندو ته گلاس جي ڀيٽ ۾ جڳ ۾ وڌيڪ پاڻي پوندو ڇاڪاڻ ته گلاس کان جَڳ جي گُنجائش وڌيڪ آهي. استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو ته اڄ اسين Capacity جي باري ۾ پڙهنداسين.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو۽ ”3+2“ پڙهڻ جي طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Capacity | Same | Pour | Fills | Empty | Full | Alot |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گنجائش | ساڳيو | پاڻيات وجهڻ | ڀرڻ | خالي | ڀريل | جهجهو |

### Classroom Activities

استاد ٻارن کي ٻن گروپن ۾ ورهائيندو. هڪ گروپ کي اهڙيون شيون ڏيندو جن جي ساڳئي گنجائش هجي، جيئن گلاس ۽ ڪوپ. ٻئي گروپ کي گلاس ۽ جڳ ڏيندو ۽ڪين هدايت ڪندو ته بنهي ٿانون ۾ پاڻي وجهي ٿانون جي گُنجائش معلوم ڪريو ۽ پنهنجو ڪيل ڪم سيني ساٿين اڳيان پيش ڪريو. انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾ ڏنل هر سرگرمي ڪرائڻ جو پڻ پابند هوندو.

### Reading

استاد ”3+2“ واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻُڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻُڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

### Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Capacity جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

### Assessment

ڪتاب ۾ ڏنل سرگرميون مڪمل ڪرائي، انهن جو جائزو استاد پاڻ وٺندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي به ورڪ شيٽس لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ لازمي آهن.

# Unit 5: Time

## Sub Topic : Hours (Pg # 101 to 105)

### Brainstorming

استاد شاگردن کان سوال ڪندو تہ توهان اسڪول ڪهڙي ٽائيم تي ايندا آهيو؟ توهان کي رسيس ڪهڙي ٽائيم تي ٿيندي آهي؟ موڪل ڪهڙي ٽائيم تي ٿيندي آهي؟ انهي ڪانپوءِ استاد شاگردن کان پُڇندو تہ اسان کي ٽائيم جي خبر ڪٿان پوندي آهي؟ استاد سرگرميءَ جي آخر ۾ ٻارن کي چوندو تہ اڄ اسين **"ڪلاڪن"** جي باري ۾ پڙهنداسين.

اُن سان گڏ استاد هڪ پراڻو ڪئلينڊر ڪلاس ۾ کڻي ايندو ۽ شاگردن کي هٿن ۾ ڏئي چوندو تہ اِن کي غور سان ڏسو تہ اِن ۾ ڇا ڇا آهي. شاگردن جي ڏسڻ ڪانپوءِ استاد اُن ڪئلنڊرکي هٿ ۾ جهلي ڪائنڻ پُڇندو تہ: "هِن کي ڇا چوندا آهن؟"، "اوهان کي هِن ۾ ڇا ڇا نظر آيو؟" "ڇا هِن ۾ ڏينهن جا نالا لکيل آهن؟" وغيره وغيره. شاگردن جي اندازي موجب ڏنل جوابن کي مدِنظر رکندي، استاد کين سمجهائيندي چوندو تہ: "هِن کي اسان ڪئلينڊر چوندا آهيون، ڪئلينڊر ذريعي اسان کي مهينن، ڏينهن، مُندن ۽ مختلف ڏينهن وغيره جي خبر پوندي آهي." اُن ڪانپوءِ استاد شاگردن کي ڪئلينڊر ڏيندو ۽ ڪائنڻ مهينن جا نالا، هفتي جي ڏينهن جا نالا ۽ مهينن جي تاريخن وغيره جي مشق ڪرائيندو.

### New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽ "3+2" پڙهڻ جي طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ لفظن جي معنيٰ پڻ ٻُڌائيندو.

| Time | Hours | Clock | O'clock | Breakfast | lunch | arrange | week | days | Home |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وقت | ڪلاڪ | گهڙيال | بجي | نيرن | مانجهاندو | ترتيب | هفتو | ڏينهن | گهر |

### Classroom Activities

**سرگرمي نمبر 1:**




استاد ڪو گهڙيال هٿ ڪندو يا ڪاغذ سان گهڙيال ٺاهي، اُن تي ٻہ ڪانٽا هڪ ڪلاڪ وارو ۽ هڪ منٽ وارو ٺاهيندو پوءِ استاد ٻارن کي گهڙيال ۾ موجود ڪانٽن جي وضاحت ڪندي، "ڪلاڪن" جو تصور واضع ڪندو. جنهن ڪانپوءِ استاد هڪ هڪ ٻار کي سڏي، اُن کان گهڙيال ۾ مختلف وقت ٺهرائيندو.

**سرگرمي نمبر 2:**

استاد ٻارن کي جوڙن ۾ ويهاري کين هدايت ڪندو تہ پاڻي يا ڪنهن پُراڻي ڪاغذ وغيره کي استعمال ڪندي گهڙيال ٺاهي، انهي جي مدد سان روزمره جي ڪمن جووقت ظاهرڪريو. جيئن ناشتو، منجهند واري ماني، رات واري ماني يا اسڪول اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت وغيره.

**سرگرمي نمبر3:**

استاد پنهنجي ڪلاس ۾ هڪ ڪئلينڊر پٽ تي لڳائي، اُن جي مدد سان ٻارن کي ڏينهن ۽ مهينا سمجهائيندو. اُن کان علاوه اسڪول جي ڪمن ۽ موڪل وارن ڏينهن بابت پڻ وضاحت ڪندو.



**سرگرمي نمبر3:**

استاد هيٺ ڏنل ڪالم بورڊ تي لکندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اُن کي پنهنجين ڪاپين ۾ ٺاهين ۽ هفتي جي ڏينهن جا نالا ترتيب ۾ لکن:

| | |
|---|---|
| **Tuesday** | |
| **Friday** | |
| **Monday** | |
| **Sunday** | |
| **Thursday** | |
| **Saturday** | |
| **Wednesday** | |

## Reading

استاد "3+2" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل Hours and Days of the Week جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

**سرگرمي نمبر1:**

شاگرد ماهوار ڪئلينڊر جي مدد سان پنهنجي اسڪول جي ڪُليل ڏينهن ۽ موڪل وارن ڏينهن بابت پريزنٽيشن ڏيندا.

**سرگرمي نمبر2:**

استاد ڏينهن ۽ مهينن جا نالا بي ترتيب رکي ٻارن کي هدايت ڪندو ته اُهي صحيح ترتيب سان رکن.

## Sub Topic : Shapes (Pg # 106 to 107)

## Brainstorming

استاد شاگردن کي چورس شڪل جون ڪجهه شيون ڏيکاريندو ۽ کين چوندو ته توهان جي گهر ۾ هِن شڪل جون ٻيون ڪهڙيون شيون آهن؟ استاد کين ٻڌائيندو ته اهڙي قسم جون جيڪي به شيون جن جا چارئي پاسا برابر هجن. انهي شڪل کي چورس شڪل يعني Square Shape چئبو آهي. اُن بعد استاد شاگردن کي ڪا گول شيءِ کڻي ڏيکاري سمجهائيندو ته "جنهن شيءِ کي ڪو به ڪنارو نه هجي ۽ اُن جي شِڪل گول هجي، اُن کي گول چئبو آهي". اُن بعد استاد هڪ ڪتاب هٿ ۾ کڻي شاگردن کي ڏيکاريندو ۽ ڪائنس پُڇندو ته: "ٻڌايو ته هن شيءِ جي شڪل کي اسان ڇا چونداسين؟" شاگردن جي جوابن کي مدِنظر رکندي استاد کين سمجهائيندو ته "جنهن شيءِ جا ٻئي مخالف پاسا هڪجيترا هجن. اُن کي مستطيل چئبو آهي" ۽ اهڙي ئي طرح استاد ڪا تِڪُنڊي شيءِ هٿ ۾ کڻي شاگردن کي سمجهائيندو ته: "جنهن شيءِ جا ٽئي مخالف پاسا هڪجيترا هُجن. اُن کي تِڪُنڊو چئبو آهي".

## New Words

استاد مٿي ڄاڻايل عنوان ۾ استعمال ٿيل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ۽"2+3" واري طريقي سان پڙهائيندو. انهن لفظن جو صحيح تلفُظ ٻارن کان اُچاريندو ۽ کين لفظن جي معنيٰ پڻ ٻڌائيندو.

| Square | Circle | Triangle | Rectangle | Shape | Inside | Outside |
|---|---|---|---|---|---|---|
| چورس | گول/ڦيرو | ٽڪنڊو | مستطيل | شڪل | اندران | ٻاهران |

## Classroom Activities

**سرگرمي نمبر1:**

استاد شاگردن جا چار گروپ ٺاهيندو گروپن جا نالا هوندا: Square, Rectangle, Circle & Triangl, اُن ڪانپوءِ استاد هر گروپ کي الڳ الڳ هدايتون ڏيندو جيئن: گروپ Square ڪلاس ۾ موجود چورس شڪل واريون تصويرون ناهي، گروپ Circle ڪلاس ۾ موجود گول شڪل واريون تصويرون ناهي، گروپ Triangle ڪلاس ۾ موجود ٽڪنڊي شڪل واريون تصويرون ناهي، گروپ چوٿون Rectangle ڪلاس ۾ موجود مستطيل شڪليون ناهي ۽ آخر ۾ سڀ پنهنجو پنهنجو ڪيل ڪم ڪلاس آڏو پيش ڪندا.

نوٽ: انهن سرگرمين کان علاوه استاد عنوان بابت ڪتاب ۾صفحي نمبر 018 تي (In-Out) واريون سرگرميون ڪرائڻ جو پابند هوندو. اُن لاءِ استاد ڪجهه ننڍيون شيون کڻي ڪنهن دٻي ۾ اندر رکندو ۽ ٻارن کان سوال ڪندو ته هاڻي اِها شيءِ ڪٿي آهي؟ اهڙي طريقي سان استاد مختلف شيون ڪنهن دٻي وغيره جي اندر ۽ ٻاهر رکي ٻارن جو تصور واضع ڪندو.

## Reading

استاد "2+3" واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفُظ سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ اُن ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي تي ڏنل هدايت/هدايتون ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو.

## Writing

استاد ڪتاب ۾ ڏنل GeometryShapes جون سموريون مشقون بورڊ، ڪاپيءَ ۽ ڪتاب تي حل ڪرائيندو.

## Assessment

**سرگرمي نمبر1:**

استاد بورڊ تي ,Square, Rectangle, Circle & Triangle جون شڪليون ٺاهي ٻارن کان انهن شڪلين ۾ موجود فرق بابت پُڇندو. استاد ٻارن کي بورڊ تي سِيڪاريل شڪليون ٺاهڻ لاءِ چوندو. ڪتاب ۾ ڏنل عنوان بابت جائزي جون جيڪي بہ ورڪ شيٽس لڳل آهن. اُهي حل ڪرائڻ تمام لازمي آهن.

**سرگرمي نمبر2:**

استاد مختلف شڪلين جا ڪارڊ ٻارن ۾ ورهائيندو ۽ هر ڪارڊ تي اُن شڪل جي نالي لکڻ جي هدايت ڪندو، جيڪڏهن ٻار غلطي ڪن تہ استاد انهن جي همت افزائي ڪندي, اُنهن غلطين کي دُرست ڪري.

**Sindh Education Foundation**
Government of Sindh
House # 21-A, Block 7 / 8 ,Overseas Cooperative Housing Society,
Ameer Khusro Road, Karachi. Ph : 021-341691411-5
021-34305753-4 , 021 - 34301460-3, Fax: 021 - 34169181
E-mail : info@ Sef. Org.pk Webside : www.sef.org.pk